www.pildat.org

مِثالي اڀياس

# حصيدار رياستن وچ ۾ پاڻي جا تڪرار
# هندستان جي ڪاويري درياهه جو ڪيس

پلڊاٽ
پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈویلپمینٹ
اینڈ ٹرانسپیرینسی

www.pildat.org

مِثالي اپياس

# حصيدار رياستن وچ ۾ پاڻي جا تكرار
# هندستان جي كاويري درياهه جو كيس

PILDAT is an independent, non-partisan and not-for-profit indigenous research and training institution with the mission to strengthen democracy and democratic institutions in Pakistan.

PILDAT is a registered non-profit entity under the Societies Registration Act XXI of 1860, Pakistan.

Copyright ©Pakistan Institute of Legislative Development And Transparency PILDAT

All Rights Reserved

Printed in Pakistan

Published: January 2011

ISBN:978-969-558-200-8

Any part of this publication can be used or cited with a clear reference to PILDAT.

Published by

PILDAT
Pakistan Institute of Legislative Development And Transparency

Pakistan Institute of Legislative Development and Transparency - PILDAT
**Head Office**: No. 7, 9th Avenue, F-8/1, Islamabad, Pakistan
Tel: (+92-51) 111-123-345; Fax: (+92-51) 226-3078
E-mail: info@pildat.org; Web: www.pildat.org

# سٽاءُ

| عنوان | صفحه نمبر |
| --- | --- |
| مهاڳ | |
| **ليکڪن جو تعارف** | |
| **تعارف ۽ زمين ۾ پاڻي جي تعلق جو حوالو** | 07 |
| **تڪرار جو بيان** | 08 |
| **تڪرار جو تاريخي پس منظر** | 09 |
| **آئيني، قانوني ۽ بين الاقوامي حوالو** | 10 |
| **سياسي حوالو** | 11 |
| **جهيڙي کي نبيرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون** | 11 |
| **واسطيدار ڌرين جي ڳالهه ٻولهه ۽ ڪاويري فيملي ڪاميٽي جي آڪاٽي** | 12 |
| **— ڪاويري درياهه جي گهٽ ڌري ڳالهه ٻولهه جا مقصد** | 13 |
| **— ڪم ڪرڻ جو طريقو:** | 14 |
| **— کهڙا حل حاصل ڪري سگهجن ٿا؟** | |
| **— حاصلات:** | |
| **— سکيل سبق:** | 15 |
| **نتيجا:** | 16 |
| **ڪري ٿو (ڏسو نقشو نمبر (1)** | 17 |
| جدول نمبر (1): ڪاويري درياهه 1934ع کان 1972 تائين آيل پاڻي. | 17 |
| **ضميما** | |
| **ضميمو الف:** | |

## مهاڳ

وفاقِ پاڪستان جي مختلف حصن ۾ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي ورهاست ۽ ترقيءَ بابت اختلاف موجود آهن. اهي انهيءَ هوندي به آهن ته سال 1991ع ۾ صوبن پاڻيءَ جي ورهاست جي هڪ اهم ۽ تاريخي ٺاهه تي صحيحون ڪيون هيون. ٺاهه جي مختلف شقن جي مختلف تشريح ڪري پاڪستان ۾ ڊيمن جي ترقي ۽ پن بجلي پيدا ڪرڻ وارن منصوبن (خاص طرح سنڌو درياهه تي) ٺاهڻ جو ڪم رُڪيل آهي. انهيءَ طرح جا اختلاف رڳو پاڪستان سان مخصوص ناهن. جتي به ڪو درياهه هڪ ڪان وڌيڪ ملڪن يا هڪ ئي ملڪ جي مختلف رياستن يا صوبن مان لنگهي ٿو، انهيءَ درياهه جا مٿيان ۽ هيٺيان حصيدار انهيءَ طرح جي اختلافن ڪي منهن ڏين ٿا.

پاڪستان ۾ پاڻيءَ جي تڪرارن جو اپياس ڪندي ۽ مختلف واسطيدار ڌرين وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏيندي پلڊاٽ اِها ضرورت محسوس ڪئي ته پاڪستان ڪان ٻاهر به اهڙن رياستن ۽ صوبن وچ ۾ ٿيل تڪرارن جو جائزو ورتو وڃي ۽ اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي ته ان ملڪ يا ملڪ جي مختلف حصن ۾ پاڻي جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ جي ڪهڙي نموني ۾ ڪوشش ڪئي وئي. مقصد اهو هو ته اسان جيان ٻين ڪيسن مان سڪيا حاصل ڪئي وڃي ته صوبن يا رياستن وچ ۾ پاڻي تڪرارن ڪي ڪيئن حل ڪيو وڃي. انهيءَ ڏس ۾ پلڊاٽ هندستان جي جناب ڪي-جي-جوائي ۽ ايس جنڪاراجن ڪي درخواست ڪئي ته هندستان ۾ رياستن وچ ۾ ڪنهن پاڻي تڪرار جي حل لاءِ ڪيل ڪوشش ڪي پيش ڪن. ياد رهي ته هندستان ۾ رياستون پاڪستان ۾ صوبن برابر آهن. هندستان جي هنن ٻن ماهرن هڪ ڪيس اسٽڊي بابت لکڻ جو راضپو ڏيکاريو، جنهن جو عنوان آهي ”حصيدار رياستن وچ ۾ پاڻي جا تڪرار: هندستان جي ڪاويري درياهه جو ڪيس“ اهو هڪ دلچسپ اپياس آهي. جيتوڻيڪ اهو تڪرار اڃان حل نه ٿيو آهي، پر ان مان ڪيترا سبق حاصل ڪري سگهجن ٿا. پاڪستان ۽ هندستان جي سماجي ۽ معاشرتي حالتن ۾ هڪ جهڙائي ڪري اهو اپياس نه رڳو اسان تي ٺهڪي اچي ٿو، پر تمام فائدي وارو به آهي.

اسان ڪي اُميد آهي ته ان ڪيس اسٽڊي ڪري پاڪستان جي صوبن وچ ۾ پاڻي تڪرارن ڪي هڪ ڪليل ۽ ڳوڙهي نظر سان ڏسڻ ۾ مدد ملندي ۽ هندستاني ڪيس اسٽڊي مان پاڪستان ماهر ۽ واسطيدار ڌريون ڪيترا فائدي وارا سبق حاصل ڪري سگهنديون.

## شڪر گذاري:

پلڊاٽ جناب جي-ڪي-جوائي ۽ ايس جنڪاراجن جو تمام ٿورائتو آهي، جن پنهنجي تمام گهڻي مشغولين هوندي انهيءَ ڪيس اسٽڊي لاءِ وقت ڪڍيو. پلڊاٽ جناب سردار محمد طارق (اڳيون ميمبر واپڊا ۽ علائقائي سربراهه گلوبل واٽر پارٽنرشپ جنوبي ايشيا) جناب امجد آغا (صدر ايسوسي ايٽيڊ ڪنسلٽنٽ) ۽ جناب شمس الملڪ (اڳيون وزير اعليٰ خيبر پختونخواهه ۽ اڳيون چيئرمين واپڊا) جو تمام ٿورائتو آهي، جو هنن هن ڪيس اسٽڊي ڪي ورجايو ۽ پنهنجا فائدي وارا تبصرا ڪيا، جنهن ڪري ان جي افاديت وڌي وئي. جناب جوائي ۽ جناب جنڪاراجن انهن تبصرن ۽ پلڊاٽ جي ڏنل ڪمينٽس ڪي هن اپياس ۾ شامل ڪيو.

پلڊاٽ برطانوي هائي ڪميشن جو ٿورائتو آهي، جن هن منصوبي لاءِ مالي مدد ڏني، جنهن جو مقصد انهن بين الاصوبائي پاڻي تڪرارن ڪي بهتر سمجهڻ آهي، جيڪو انهن تڪرارن ڪي نبيرڻ جي ڏس ۾ پهرين وک آهي. اهو اپياس به ان منصوبي جو هڪ اهم نتيجو آهي.

## غير واسطيداري:

ليڪڪن ۽ پلڊاٽ پوري ڪوشش ڪئي آهي ته هن اپياس ۾ ڪيل ڳالهيون حقيقت مطابق هجن، تنهن هوندي به ليڪڪ ۽ پلڊاٽ ڪنهن اهڙي غلطي ۽ اڻ ڄاڻائي ۾ رهجي ويل ڳالهه لاءِ جوابدار نه هوندا جو اِها ڄاڻي ٻجهي نه ڪئي وئي آهي.

هن اپياس ۾ ڪيل ڳالهيون پلڊاٽ يا برطانوي هائي ڪميشن اسلام آباد جي خيالن جي ترجماني نٿيون ڪن.

## ليکڪن جو تعارف:



**جناب ايس جناڪاراجن** اڄڪلهه مدراس انسٽيٽيوٽ آف ڊيولپمينٽ اِسٽڊيز ۾ اڪانامڪس جو پروفيسر آهي، هن مدراس يونيورسٽي مان ايم-اي ۽ پي ايچ ڊي ڪئي آهي. هن ڊاڪٽريٽ ڪرڻ ڪانپوءِ 1993ع ۾ آمريڪا جي ڪارنيل يونيورسٽي ۾ ڪم ڪيو ۽ تنهن ڪانپوءِ هڪ سال آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ وزيٽنگ پروفيسر ٿي رهيو. هن ڪي زرعي مارڪيٽن، زرعي ادارن، پاڻي ۽ ماحول، ماحولياتي ڦرٽين گهرٽين ۽ انهن جي اثرن، شهري يا اڌ شهري علائقن جي مسئلن، پاڻي جي تڪرارن ۽ انهن ڪي نبيرڻ، ساحلي علائقن جي مسئلن ۽ دريائي علائقن جي موضوعن ۾ مهارت حاصل آهي، هن ڪيترا ڪتاب لکيا آهن، قومي ۽ بين الاقوامي رسالن ۾ مضمون لکيا آهن ۽ قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ ڪيتر پيپر پيش ڪيا آهن. هو “ڪا ويري فيملي” نالي واري هڪ غير سرڪاري تنظيم جو ليڪڪ ۽ ڪنوينئر به آهي، جنهن ڪي هن ڏگهي ۽ اڻ وٽندڙ رياستن وچ ۾ پاڻي تڪرار جي حل لاءِ ٽريڪ-ٽو طريقو به چئجي ٿو.



**جناب ڪي-جي-جوائي** سوسائٽي فار پروموٽنگ پارٽي سيپيٽو ايڪو سسٽم مئنيجمينٽ پونا جو سينئر ميمبر آهي. هو پاڻيءَ جي مامرن تي پوين ٻن ڏهاڪن کان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ NRM جي ادارن ۾ پلي هيٺين سطح جا هجن يا پاليسي ليول جا خاص دلچسپي رکي ٿو. جن ٻين موضوعن ۾ هو دلچسپي رکي ٿو، اهي آهن ڏڪار ۽ ڏڪار کي ختم ڪرڻ، شراڪتي آبپاشي جو بندوبست، دريائي طاس جو بندوبست، گهٽي واسطيدار ڌرين وارا طريقا، دريائي رستي وارين ايراضين جي ترقي، پاڻي جا تڪرار ۽ عوامي تحريڪون.

## حصيدار رياستن وچ ۾ پاڻي جا تڪرارهندستان جي ڪاويري درياهه جو ڪيس

### تعارف ۽ زمين ۾ پاڻي جي تعلق جو حوالو:

ڪاويري درياهه هندستان جو حياتي ڏيندڙ درياهه سمجهيو وڃي ٿو، اهو هڪ بين الرياستي درياهه آهي، جنهن تي ڪرناٽڪا، تامل نادو ڪيرالاءِ پانڊي چري رياستون پاڻي جو حق ڀڌائين ٿيون. انهن مان ڪرناٽڪا ۽ تامل نادو مکيو حصيدار ۽ جهيرندڙ رياستون آهن. ڪاويري درياهه جو طاس 87,900 چورس ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهي، جيڪو هندستان جي (Basin) ڪل ايراضيءَ جو اٽڪل 2.7 سيڪڙو ٿئي ٿو. ڪاويري درياهه جو طاس 36،240 چورس ڪلوميٽر ڪرناٽڪا ۾ ۽ 48،730 چورس ڪلوميٽر تامل نادو ۾ آهي. ڪاويري درياهه جون مکيو نيون جيڪي ڪرنا ٽڪا ۾ ملن ٿيون سي آهن. هراني، هيماوتي، شمِشا، اِرڪاوتي، لڪشما ناٽرٿا ۽ سرناوتي. وري جيڪي مددي نيون تامل نادو ۾ ڪاويري ۾ پون ٿيون، سي آهن امراوتي، ڀاواني، نويال ۽ ڪوڊا گانارو، ڪيرالا ۾ مکيه مددي نئين ڪا باني آهي. مکيو اڏاوتن ۽ منصوبن ۾ ڪرشنا، راجا ساگر ڊيم، جيڪو ڪرناٽڪا جي شهر ميسور ويجهو ٺاهيو ويو هو، پن بجلي گهر، جيڪو سواس مرد رام جي ڀيٽ ويجهو ڪرناٽڪا ۾ ٺاهيو ويو هو، مٽير جو ڊيم جيڪو 1934 ۾ تامل نادو ۾ ٺاهيو ويو هو ۽ گرانڊايني ڪٽ جيڪو اٽڪل 2000 سال اڳ تامل نادو ۾ چولا پيرڊ جي وچ ۾ پچاڙي واري عرصي ۾ ٺاهيو ويو هو، شامل آهن، درياهه 800ڪلوميٽر جو مفاصلو طئي ڪري ڏاکڻي تامل نادو ساحل وٽ بي-آف-بنگال ۾ ڪري ٿو (ڏسو نقشو نمبر (1)

سال 1934ع کان 1972ع تائين طاس ۾ 75 سيڪڙو اعتبار جوڳو پاڻي 670 هزار ملين ڪيوبڪ فوٽ (TMC) هو، رياستي بنياد تي 75 سيڪڙو ۽ 50 سيڪڙو اعتبار جوڳي پاڻي جي دستيابي جدول نمبر (1) ۾ ڏجي ٿي.




جدول نمبر (1): ڪاويري درياهه 1934ع کان 1972 تائين آيل پاڻي.

| رياست | 50 سيڪڙو اعتبار جوڳو پاڻي TMC ۾ | **75 سيڪڙو اعتبار جوڳو پاڻي TMC ۾** |
|---|---|---|
| ڪرناٽڪا | (53%) 392 | **(53%) 355** |
| تامل نادو ۽پانڊي چري | (30%) 222 | **(30%) 201** |
| ڪيرالا | (17%) 126 | **(17 %) 114** |
| **ڪُل** | **(100%) 740** | **(100 %) 670** |

# مِثالي اپياس

## حصيدار رياستن وچ ۾ پاڻي جا تڪرارهندستان جي ڪاويري درياهه جو ڪيس

هندستان ۾ ڪاويري درياهه هڪ اهڙو درياهه آهي، جنهن جي پاڻيءَ تي تمام گھڻا تڪرار ۽ عدالتي ڪيس ٿيا آهن. سانوڻيءَ جون برساتون فيل ٿي ڪرناٽڪا ۽ تامل نادو وارين مُک رياستن ۾ تڪرار چوٽ چڙهي وڃن ٿا. ماضيءَ ۾ ڪيترن اهڙن سالن ۾ ڳنڍي ۽ ذهني دٻاءُ جي نتيجي ۾ تشدد ٿيو، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ خراب صورتحال سال 1991ع ۾ ٿي، جڏهن ڪرناٽڪا ۾ رهندڙ هزارين تامل نادو وارن ماڻهن ۽ انهن جي ملڪيتن ڪي حملي جو نشانو بڻايو ويو، انهن تشدد وارن ڏينهن ۾ عدالتون رڳو ٿورو چڪتاڻ گهٽائي سگهيون. سال 03-2002 جي ڏڪي زرعي مند ۾ سپريم ڪورٽ جو ڪرناٽڪا رياست ڪي اهو حڪنامو ڏيڻ تي ته ڪرناٽڪا سرڪار تامل نادو ڪي 0.8 هزار ملين ڪيوبڪ فوٽ پاڻي ڏي هڪ آئيني بحران پيدا ڪيو. اهو هندستان جي تاريخ ۾ رياستن وچ ۾ پاڻي تڪرار تي هڪ غير مثالي واقعو هيو، سپريم ڪورٽ جي سخت موقف وٺڻ تي ڪرناٽڪا جي وڏي وزير نه رڳو غير مشروط معافي ورتي، پر تامل نادو رياست ڪي پاڻي به ڏنو. سپريم ڪورٽ رات هڪ بجي پاڻي ڇڏڻ جو حڪمنامو جاري ڪيو هو ۽ دروازا پوڻي ٻين بجي کوليا ويا. ڪرناٽڪا جي وڏي وزير اهو فيصلو ڪاويري بيلٽا جي هارين جي شديد احتجاج هوندي به ڪيو، جن جو تعلق ڪرناٽڪا جي منڊيا ۽ ميسور ضلعن سان هو. ٻنهي رياستن جي سول سوسائٽي انهيءَ تي اطمينان جو ساهه ڪنيو، انهيءَ لاءِ نه ته ڇڏيل پاڻيءَ ڪري تامل نادو جي هارين جا فصل بچي ويندا، پر انهيءَ ڪان به اهم انهيءَڳالهه تي ته هڪ وڏي آئيني بحران ڪان بچي ويا. پر وڏي اسڪيل تي ٿيل پر تشدد احتجاجن ڪري جيڪي ڪرناٽڪا پاران پاڻي ڇڏڻ تي ڪيا ويا، خانگي ملڪيتن ڪي تمام گھڻو نقصان ٿيو، انهيءَ ڪي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪرناٽڪا سرڪار ڪي ڪرناٽڪا جي منڊيا ضلعي ۾ ڪرفيو هڻڻو پيو، معاملو ايتري حد تي پهتو ته منڊيا ضلعي جي ڪانگريس پارٽيءَ جي پارليامينٽ واري ميمبر استعيفيٰ ڏياري موڪلي ڪرناٽڪا ۽ تامل نادو رياستن وچ ۾ هڪ گهٽي وقت ڪان هلندڙ تڪرار ۽ ٿيل بحث مباحثي جو جيڪڏهن اڻ ڌريو جائزو ورتوو جي ته اهو تڪرار ٻنهي رياستن وچ ۾ هڪ ٻئي تي بي اعتمادي ڪي ظاهر ڪري ٿو. ڪرناٽڪا رياست جيڪا پاڻي منصوبي ۾ پوءِ شامل ٿي، انهيءَ ڳالهه تي يقين رکي ٿي ته ان تي پاڻيءَ جي جائز استعمال تي سوال اٿاريو ويو هو.

ٻئي پاسي تامل نادو ۾ ڪاويري درياهه جي بيسن تمام پراڻي ۽ تيزي سان تبديل ٿيندڙ پاڻي جي ترقي جي تاريخ آهي، هيٺين پاڳي پائيوار هئڻ ڪري هو محسوس ڪري ٿي ته سيني حالتن ۾ هو ئي مصيبتون برداشت ڪري ٿي، ٻوڏن، سوڪهڙڻ، ماحولياتي گدلاڻ سيني جو اثر اُن تي پوي ٿو، پر انهيءَ ڳالهه جو انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ٻنهي رياستن ۾ ڪاڏي خوراڪ جي گهرجن جو مدار ٻيمن ۾ ذخيرو ڪيل پاڻي تي آهي. ان جي نتيجي ۾ بيسن ۾ رهندڙ لک ها ماڻهن جي حياتي درياهه ۾ پاڻي هجڻ تي آهي. جنهن به سال درياهه ۾ گهٽ پاڻي هجي ٿو، تامل نادو رياست پاڻ ڪي ڪرناٽڪا رياست جي رحم و ڪرم تي سمجهي ٿي، وري ڪرناٽڪا رياست محسوس ڪري ٿي ته جڏهن ان جي هارين لاءِ ئي پاڻي ڪونهي ته هو ڪيئن هيٺين رياست لاءِ پاڻي ڇڏي.

تامل نادو رياست پنهنجي پاڻي جي حق لاءِ سپريم ڪورٽ ڪي مداخلت ڪرڻ جو چيو آهي. هندستان جي آئين مطابق جوڙيل ”ڪاويري پاڻي تڪرار ٽريبونل“ ڪي انهيءَ مامري جو هڪ مستقل حل ڏيڻو هو، پر سال 2007ع ۾ 17 سالن ڪانپوءِ ڏنل انهيءَ حتمي فيصلي ڪانپوءِ به ديرپا حل ڪسڪندو پيو وڃي. نتيجي ۾ ٻنهي رياستن سپريم ڪورٽ ڪي هڪ اسپيشل لِيو پٽيشن جي صورت ۾ درخواست ڏني آهي. سوال اٿي ٿو ته ڇا سپريم ڪورٽ ڪاويري درياهه جهڙي منجهيل تڪرار جو ڪو ديرپا حل ڏئي سگهندي؟ ۽ جي نه ڏئي سگهندي ته ڇو نه؟ ڇا اسان وٽ موجود جمهوري فريم ورڪ ۾ انهيءَ ڪي حل ڪرڻ جا ڪي ٻيا به دڳ آهن؟

### تڪرار جو بيان:

ڪاويري دياهه جي پاڻي جو تڪرار ٻين رياستن جهڙوڪ ڪرشنا، ،گودا واري ۽ نرمدا وچ ۾ ٿيل تڪرارن ڪان صفا مختلف آهي، اهي تڪرار اجان حاصل ڪيل پاڻيءَ بابت آهن، جڏهن ته ڪاويري درياهه وارو تڪرار موجود پاڻي جي انصاف ورڇ بابت آهي، جڏهن ته موجود پاڻي وڌ ۾ وڌ استعمال ڪيو وڃي ٿو، اِن مان به مسئلا کَر ڪڍن ٿا، هڪڙو اهو ته ڪاويري درياهه واري تڪرار جي ٻين رياستن وچ ۾ پاڻي تڪرارن سان ڀيٽ نه ڪجي، بلڪه نٿي ڪري سگهجي. ٻيو اهو ته ٻنهي رياستن ۾ ترقي ورتل زراعت ڪي بچائڻ گهرجي. پلي اِها مٿين رياست ۾ هجي، يا هيٺين رياست ۾. انهيءَ جو اهو نتيجو نڪري ٿو ڪاويري درياهه وارو پاڻي تڪرار پاڻي جي ورڇ بدران پاڻي جي ٻيهر ورڇ بابت آهي. (حوالو: گوهان 1993).

جڏهن به سانوڻي واريون برساتون فيل ٿين ٿيون ته تامل نادو ۽ ڪرناٽڪا رياستن وچ ۾ جهيڙو ٻري اُٿي ٿو، ڪڏهن ڪڏهن اهو تشدد واري صورت به وٺي ٿو، رياستن وچ ۾ ٿيل جهيڙي ۾ گهڻو ڪري نقصان هيٺين رياست ڪي ٿئي ٿو.

# مِثالي اپياس

## حصيدار رياستن وچ ۾ پاڻي جا تڪرارهندستان جي ڪاويري درياهه جو ڪيس

جيئن مٿي ٻڌائي چڪا آهيون ته تامل نادو جيڪا هيٺين پر واري رياست آهي، تنهن آبپاشي اڳ ۾ شروع ڪئي ۽ تمام تڪڙي ڪيائين. انهيءَ ۾ خاص واڌ شروعاتي ميٽور دور کان اڳ ٿيل 14.4 لک ايڪڙن ۾ ٿي، جيئن 3.2 لک ايڪڙ ميٽور ڊيم ٺاهڻ کانپوءِ، 2.5 لک ايڪڙ پهرين پنج سال واري منصوبي ۾، 0.64 لک ايڪڙ ٻئي پنج سال واري منصوبي ۾ ۽ 4.47 لک ايڪڙ موجود ڪمانڊ ايريا جي واڌ جي صورت ۾ ۽ ٻئي ساڳي نموني ۾. معلوم ٿيو ته تامل نادو جي ڪل 25.8 لک ايڪڙ ايراضي هڪ ڊگهي عرصي ۾ ترقي ورتي. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪرناٽڪا رياست ۾ ڪاويري درياهه تي سال 1971ع تائين رڳو 4.47 لک ايڪڙ ترقي ورتي. سال 1971ع کانپوءِ نوان منصوبا ٺاهي نيون زمينون آباد ڪيون ويون. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته تامل نادو جا لکين هاري صدين کان ڪاويري درياهه جو پاڻي ڪتڻ ٿا. اِهو چوڻ وڌاءُ نه ٿيندو ته انهن جي رهڻي ڪهڻي، ثقافت ۽ روزگار ڪاويري درياهه جي چوڌاري ڦري ٿو. انهيءَ ۾ ڪنهن به طرح جي گهٽتائي اُنهن لاءِ ڪيترائي سماجي ۽ معاشرتي مسئلا پيدا ڪندي، جنهن جي نتيجي ۾ هارين ۾ بي چيني پيدا ٿيندي. انهيءَ ۾ ”اڳ ۾ ڪٽت وارو اُصول“ (Doctrine of prior appropriation) جو حوالو به ضروري آهي، جيڪو هڪ بين الاقوامي پاڻي جي جهيڙن کي نبيرڻ جو قانون آهي، انهيءَ قانون موجب ”پاڻيءَ کي استعمال ڪندڙ پهرين ڌر اوتري پاڻيءَ جو پهريون حق رکي ٿي“. پر هندستان جي خاص عدالتي قانون مطابق ۽ عالمي لٽريچر ۾ ”پهرين ڪٽت واري قانون“ کي ڌرين ۾ پاڻي ورهائڻ لاءِ ڪا خاص اهميت نٿي ڏني وڃي. رڳو ايترو آهي ته انهيءَ کي ٻين ڪيترن جزن سان هڪ جز طور شامل ڪيو وڃي ٿو. (حوالو: صفحو 49، گوهان 1993) ٻئي پاسي مٿين پر واري رياست کي اِها اجازت ڏني وڃي ته هو هيٺين پر واري رياست جي ترقي ورتل ايراضين کي نظرانداز ڪري پنهنجو سسٽم نه وڌائي، نه ته نه رڳو چڪتاڻ ٿيندي، بلڪه روزگار جا مسئلا به پيدا ٿيندا. سال 1996ع ۾ اهو ٿي چڪو آهي ته ڪرناٽڪ وارن هزارين تامل نادو وارن ماڻهن ۽ انهن جي ملڪيتن کي حملي جو نشانو بڻايو، ائين ڪرڻ سان مستقبل ۾ اِهڙي صورتحال ٿي ويندي، جو هيٺين پر واري رياست کي پاڻي ئي نه ملندو. اِهو ئي سبب آهي جو هيٺين پر واري رياست ”تاريخي استعمال ۽ ٻين گهرجن“ کي بچائڻ پوندو. ٻئي پاسي اِها به حقيقت آهي ته مٿين پر واري رياست کي رڳو انهيءَ ڪري سندس حصي کان محروم نٿو ڪري سگهجي جو کهڙن به سببن ڪري هو ترقي نه ڪري سگهيو هجي ۽ پاڻي اڳ ۾ استعمال نه ڪري سگهيو هجي.

### تڪرار جو تاريخي پسِ منظر:

بيٺڪي راڄ ۾ مدراس ۽ ميسور وارين حڪومتن 1892 ۽ 1924 ۾ پاڻي ٺاهه ڪيا. 1892 وارو ٺاهه ڪاويري بيسن جي مکين ۽ ننڍن درياهن بابت هو، جڏهن 1924 وارو ٺاهه ٻنهي رياستن انهيءَ شرط تي ڪيو ته ميسور ڪرشنا راجا ساگر ڊيم ٻنهي رياستن جي استعمال لاءِ ٺاهيندو. 1892 وارو ٺاهه رياستن ۾ وهندڙ درياهن بابت هڪ عام ٺاهه هو، جڏهن 1924 وارو ٺاهه ٻنهي رياستن ۾ پاڻي جي ترقيءَ ۽ ان ان جي استعمال لاءِ رڳو ڪاويري درياهه بابت هيو، 1892 ۽ 1924 وارا ٻئي ٺاهه هميشه لاءِ آهن. ٻنهي ٺاهن جي خاص ڳالهه اها آهي ته مٿين پر تي ڪا به پاڻيءَ واري اڏاوت هيٺين واري ٺهيل آبپاشي نظام کي نقصان نه ڏيندي، وڌيڪ اهو ته مٿين اڏاوتن جي منصوبابندي کان اڳ هيٺين پر واري رياست جي منظوري ورتي ويندي ۽ انهن کي هلائڻ جا قاعدا اهڙي نموني ۾ ٺاهيا ويندا ته اڳواٺ ترقي ورتل ايراضين جو پاڻي نه گهٽجي، اهو انهيءَ ڪري ڪيو ويو ته ميسور ۾ اهو ڪجهه نه ڪيو وڃي، جنهن ڪري هيٺين حصيدار رياست ۾ پراڻي ترقي ورتل نظام عام رواجي پاڻي نه گهٽجي وڃي (حوالو: سال 2007 ۾ پاڻي تڪرار واري ٽربيونل جي رپورٽ ۽ اُن جو فيصلو).

اوچتي جهيڙي جو ظاهري سبب اِهو هو ته ڪرناٽڪا رياست 1892 ۽ 1924 جي پاڻي ٺاهن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪاويري درياهه جي چار مددي درياهن تي ڊيم ٺاهيا، جيتوڻيڪ هندستان جي حڪومت ۽ سينٽرل واٽر ڪميشن منصوبن جي منظوري نه ڏني ۽ سينٽرل پلاننگ ڪميشن انهن جي مالي مدد لاءِ منظوري نه ڏني، پر ڪرناٽڪا سرڪار مرحلي وار انهن منصوبن تي پنهنجن فنڊن ذريعي بنا پلان جي ڪم شروع ڪري ڏنو، اهي چار منصوبا آهن، هرانگي، ڪابيني، هيماوتي ۽ سوارن وتي. انهن جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي ڪل صلاحيت آهي 59.1 هزار ملين ڪيوبڪ فوٽ جنهن مان 13.25 لک ايڪڙ ايراضي آباد ٿي سگهندي. (حوالو: ڪاويري پاڻي تڪرار ٽريبونل جي رپورٽ ۽ فيصلو).

ڪرناٽڪا رياست جو چوڻ آهي ته رياست اُن جي امتيازي ماضي ڪري ڌڪ ڏٺا. انهيءَ جو سبب اهو هو ته انگريز حاڪمن ميسور رياست (جيڪا پوءِ ڪرناٽڪا ٿي وئي) ۾ آبپاشي اڏاوتون ٺاهڻ جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻائي ڇڏيو، جو انهن جو لاڙو مدراس ڏانهن هو، تنهن ڪري اِهو چيو وڃي ٿو ته 1892 ۽ 1924 وارو ٺاهي ٺاهه ڪمزور ميسور رياست مٿان مڙهيا ويا. انهيءَ جي اُبتڙ تامل نادو رياست وارن جو چوڻ آهي ته تامل نادو ڪاويري درياهه جو ڊيلٽا آهي ۽ هميشه

آبپاشي جي ترقي ٻدلتا ۾ ٿيندي آهي. انهيءَ لاءِ دنيا ڀين درياهن طاسن (Basins) ڪي ڏسي سگهي ٿي. اِهو انهيءَ ڪري ٿئي ٿو جو اُتي پليون زمينون، پاڻي ۽ جاگرافي حالتون ٺين ٿيون، ٻئي پاسي اِهو سمجهڻ ته تامل ناڊو ۾ آبپاشي جي ترقي انگريزي دور ۾ ٿي، صحيح ناهي، ڇو جو اِها ويجهي ماضي جي ڳالهه آهي، هِن جي اصل تاريخ ٻي انگريزي صدي آهي. تنهن ڪري هيٺين رياست جي حقن ڪي بچائڻ ضروري آهي. ساڳي وقت ڪرناٽڪا رياست ڪي به اُن جي آبپاشي نظام ڪي هوريان هوريان وڌائڻ ڏنو ويو، جيڪو سال 1974 ۾ تمام گهڻو تيز ٿي ويو.

## آئيني، قانوني ۽ بين الاقوامي حوالو:

هندستان ۾ پاڻي بنيادي طرح هڪ رياستي معاملو آهي ۽ بين الرياستي ڪانسواءِ جن ۾ هندستان حڪومت مداخلت ڪري سگهي ٿي، هندستان ۾ ڪيترائي بين الرياستي درياهه آهن، جيئن نرمدا، گودا وري، ڪرشنا، ڪاويري، مهاندي ۽ ٻيا جن جو ذڪر ڪجي ٿو، حقيقت ۾ برهمپترا ۽ گنگا سرحدن ڪان ٻاهر ويندڙ درياهه آهن، جيڪي بين الرياستي به آهن ته بين الملڪي به. 1956 وارو "پاڻي تڪرارن وارو قانون" هندستاني آئين جي شق مطابق ٺاهيو ويو هو. انهيءَ قانون ۾ سال 2002 ۾ سرڪار يا ڪميشن جي سفارشن تي ترميم ڪئي وئي. هي قانون هندستان ۾ بين الرياستي پاڻي تڪرارن ڪي حل ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قانوني طريقو ڏئي ٿو. حقيقت ۾ "ڪاويري پاڻي تڪرارن وارو ٽربيونل" 2 جون 1990ع تي 1956ع واري بين الرياستي قانون هيٺ جوڙيو ويو ته جيئن وڙهندڙ رياستن ۾ جهيڙي جو فيصلو ڪري، انهيءَ ٽربيونل ٺهڻ ڪان پوءِ 1956ع وارو قانون سپريم ڪورٽ ڪي انهيءَ جهيڙي نبيرن دوران مداخلت ڪان روڪي ٿو. سال 2007 ۾ ٽربيونل جي حتمي فيصلي ڪانپوءِ جهيڙندڙ رياستون ڪاويري تڪرار جي ورجاڻ لاءِ ٻيهر ٽربيونل ۾ وڃي سگهن پيون ته جيئن ٽربيونل سپليمينٽري فيصلو ڏئي. انهيءَ بدران جهيڙندڙ رياستون سپريم ڪورٽ ۾ اسپيشل لِيو پٽيشن تحت ويون آهن ته هو هن ڪيس ۾ پوي. جيئن ته 1956 بين الرياستي پاڻي تڪرارن وارو قانون ٽربيونل ٺهڻ ڪان پوءِ سپريم ڪورٽ ڪي مداخلت ڪان روڪي ٿو، تنهن ڪري سپريم ڪورٽ ڪي ڪپندو هو ته پاڻ ٻڌڻ بدران اسپيشل لِيو پٽيشن ڪي ٽربيونل ڏانهن اماڻي ها.

ٻيو آئيني/قانوني بين الرياستي پاڻي تڪرارن نبيرڻ جو رستو 1956 وارو رور بورڊس ايڪٽ آهي. پر هندستان ۾ رياستن جي مخالف ڪري اهو هندستان ۾ ڪڏهن به استعمال نه ٿيوآهي، جيئن ته 1956 وارو بين الرياستي پاڻي تڪرارن ڪي نبيرڻ وارو قانون ۽ رور بورڊس ايڪٽ ڪيترن سببن ڪري پاڻيءَ جا جهيڙا نه نبيري سگهيا آهن، تنهن ڪري آئيني ورجائيندڙ ڪاميٽي سفارش ڪئي آهي ته پاڻيءَ ڪي ڪنڪرنٽ لسٽ ۾ وڌو وڃي ته جيئن يونين سرڪار فيصلائتي مداخلت ڪري سگهي.

قومن ۽ رياستن ۾ ٿيندڙ پاڻيءَ جي جهيڙن ڪي نبيرڻ لاءِ ڪيترا اُصول ۽ طريقا ٺاهيا ويا آهن. اهي آهن هارمن وارو طرقو، قدرتي وهڪري وارو اصول، پهريون حقدار هجڻ وارو طريقو، ڪميونٽي جي فائدي واري ٿيوري، انصاف واري ورچ واري ٿيوري ۽ هيلسنڪي وارا اصول، ان ۾ هيلسنڪي وارا اصول تمام گهڻا مشهور آهن ۽ مڪمل سمجهيا وڃن ٿا ۽ جيڪي انٽرنيشنل لا ايسوسي ايشن اختيار ڪيا آهن. هيلسنڪي اصولن جي آرٽيڪل V ۾ پاڻي جو مناسب ۽ انصاف وارو حصو ڪڍڻ لاءِ 11 جزا ٻڌايا ويا آهن. (تفصيل لاءِ ڏسو گوهان: 1993).

اڃو ته هاڻي ڪاويري تڪرار وارو مکيه ڪيس ڏسون، هڪڙي پاسي تامل ناڊو ڪاويري درياهه تي پنهنجن حقن جي بچاءَ لاءِ "پهرين ڪٽ وارو اصول پيش ڪري ٿي، ڪرناٽڪا وري "هارمن طريقي" لاءِ چوي ٿي جنهن ڪي "ڪل علائقائي حاڪميت" وارو طريقو به چئجي ٿو. انهيءَ طريقي مطابق هڪ دريائي رياست خودمختيار آهي ته پنهنجي پاڻيءَ سان جيڪو وڻي سو ڪري، ٻئي طريقا حد ڪان وڌيل ۽ غلط آهن.

حقيقت اِها آهي ته ٻئي رياستون سخت موقف وٺي ويٺيون آهن. رام سوامي جو چوڻ آهي ته: "اِها ڳالهه نوٽ ڪرڻ ڪپي ته هندستاني يا بين الاقوامي قانون ۾ وهندڙ پاڻيءَ تي مالڪي جو حق ڪونهي، ته ڪرناٽڪا نه تامل ناڊوا نه ڪيرالا نه پانڊي چري) ڪاويري درياهه جي مالڪ آهي، انهن سڀني رياستن جا پاڻي استعمال جا حق آهن. حقن جي حاڪميت ناهي. مٿين يا هيٺين رياستن ڪي مڪمل حق ڪونهن، بلڪه حقن جي برابري آهي. پر ان جو مطلب هڪ جيترو حصو ناهي. ڪنهن رياست جو ڪيترو حصو آهي، اهو انهيءَ ڳالهه تي مدار رکي ٿو ته ٺاهه مطابق اُن جو ڪيترو حصو آهي يا مٿين ٻڌايل ڳالهين مطابق ڪيترو حصو ٿي سگهي ٿو. ائين چوڻ مناسب ناهي ته مٿيون حصيدار هيٺين حصيدار ڪي ائين پاڻي ڏئي ٿو، جيئن ڪنهن ڪي تحفو ڏنو وڃي. ٻئي پاسي اِهو به غلط آهي ته هيٺيون حصيدار "پهرين ڪٽ" جي بنياد تي مٿين حصيدار ڪي نقصان ڏئي. مٿيون حصيدار (هندستان بنگلاديش جي مقابلي ۾ ۽ ڪرناٽڪا تامل ناڊو جي مقابلي ۾) هيٺين حصيدار ڪي ائين نٿو چئي سگهي ته "هي هڪ ڏکيو سال آهي، اسان وٽ پنهنجي گهرجن لاءِ ئي پورو

پاڻي ڪونهي، اسان توهان کي پاڻي نٿا ڏئي سگهون. ڏڪي سال ۾ به جيڪو پاڻي اچي ٿو، اهو ورهائڻو پوندو، هيٺيون حصيدار مٿين حصيدار کي اهو چئي نٿو سگهي ته ”اسان کي صدين کان هيترو مقدار ملندو رهيو آهي. اهو اسان ڏي گهٽجڻ ڪانسواءِ اچڻ کپي. اِهو اسان جو پکو حق آهي.“ (حوالو: خانگي نوٽ جيڪو رام سوامي سال 2003 ۾ ورهايو“.

## سياسي حوالو:

سال 1974 ۾ 50 سالن واري ٺاهه جي نئين نه ڪرڻ کان وٺي ڪاويري درياهه جو پاڻي تمام تيز سياسي ڳالهه ٻولهه ۾ چوندن جو مسئلو بڻجي ويو آهي. ٻنهي رياستن جون سياسي پارٽيون پنهنجي رياست جو موقف کنيون بيٺيون آهن. ماڻهن ڪاويري درياهه جي پاڻيءَ جي سلسلي ۾ جذباتي ردعمل ۽ ثقافتي وابستگي جو اظهار ڪيو آهي، پر بدقسمتي سان ٻنهي رياستن وچ ۾ ٿيل ڳالهه ٻولهه انهيءَ مسئلي ۾ وڌيڪ سختي آندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن اهو محسوس ٿئي ٿو ته ڪرناٽيڪا ۽ تامل نادو ۾ ٿيل تڪرار هندستاني وفاقيت جون بنيادون لوڏي ڇڏيون آهن. جيتوڻيڪ مرڪزي حڪومت ۽ هندستان جي وڏي ۾ وڏي عدالت ان مسئلي وچ ۾ پئي به آهي.

وقت اتي اچي پهتو آهي ته انهيءَ جمود کي وڌين رياستن جي هارين وچ ۾ ڳالهه ٻولهه رستي ٽوڙيو وڃي، اميد اها هئي ته هندستان جي آئين مطابق 1990 ۾ جوڙيل ٽريبونل ان تڪرار جو پکو ۽ جٽادار حل ڏيندو. پر ماضي واري تاريخ ۽ ٻنهي رياستن پاران اختيار ڪيل سخت موقف جي ڪري سال 2007ع ۾ ٽريبونل پاران ڏنل حتمي فيصلي ڪانپوءِ به ٻنهي رياستن مان ڪا به رياست خوش نه ٿي آهي، ان جي ابتڙ سپئي رياستن ٽريبونل کي ڇڏي سپريم ڪورٽ ڏي لڙي ويون آهن، جيتوڻيڪ ٽريبونل کي باصلاحيت ۽ بااختيار سمجهيو وڃي ٿو.

تڪرار جي تاريخ کي ڏسندي اهو ڏکيو ٿو لڳي ته قانون مطابق ان جو ڪو حل نڪري سگهي. گهڻن ماڻهن جي اميدن مطابق ٽريبونل پاران ڏنل حتمي فيصلي نئين مقدمي بازي کي جنم ڏنو آهي، اهو نظارو انهيءَ ڪري به طاقت وٺي ٿو جو جهيرندڙن جو لاڙو انهيءَ تڪرار کي سياسي رنگ ڏيڻ آهي. دعوائن ۽ ان جي مخالفت واري دعوائن ۾ تمام شدت واري جذباتيت اچي وئي آهي. جنهن نموني ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آهي، انهيءَ رڳو علائقائي تعصبي مفادن کي وڌايو آهي.

## جهيڙي کي نبيرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون:

ماضيءَ ۾ جهيڙي کي نبيرڻ لاءِ ڪيترا قدم کنيا ويا، پر ائين لڳي ٿو ته انهن ۾ ڪا ڪاميابي نه ٿي ۽ بيسن جي پاڻي واپرائيندڙ جماعتن ۾ انهيءَ جو منفي اثر ٿيو، حقيقت ۾ مسئلو اجان وڌي ويو، جڏهن 1924 واري ٺاهه کي 1974 ۾ 50 سال پورئيڻ ڪانپوءِ وڌايو نه ويو. 1924 کان 1974 واري ٺاهه واري عرصي ۾ جيتوڻيڪ احتجاج ٿيا، پر اهي ڪڏهن ڪڏهن ٿيا ۽ ايترا ڌيان ڇڪائيندڙ نه هئا. انهيءَ جهيڙي ۾ انهيءَ وقت کي پهريون مرحلو چئي سگهجي ٿو. ٻئي مرحلي ۾ جيڪو 1974 کان 1990 تائين جو آهي، ٽرين ۾ سڌ سماءَ ۽ مواصلاتي گهٽتائي ڪري جهيڙو تمام تيز ٿي ويو ۽ انهيءَ وقت کان بداعتمادي وڌندي وئي. 1990 ڪانپوءِ جنهن کي ٽيون مرحلو چئجي سپئي عدالتي ۽ رياستي دخل اندازيون ڪيون ويون آهن. انهن ۾ سپني کان اهم ”ڪاويري رور اٿارٽي“ ۽ انهن جي چڪاس ڪاميٽي ٺاهڻ آهي. انهيءَ اٿارٽي جو سربراهه وزير اعظم آهي ۽ دريائي رياستن جا وڏا وزير ان جا ميمبر آهن. پر اها اٿارٽي اثرائتي نموني ۾ ڪم نٿي ڪري، اٿارٽي طرفان پاڻي ورهاست جو ڪو فارمولو نه ڏنو ويو آهي. 1990 ۾ 1956 واري بين الرياستي تڪرارن واري ايڪٽ هيٺ ٺاهيل ڪاويري پاڻي واري ٽريبونل ٺاهڻ ڪري ڪاويري واري تڪرار جي جمود کي ٽوڙڻ ۾ نئون شوق پيدا ٿيو. ٽريبونل 1991 ۾ هڪ عارضي فيصلو ڏنو ۽ 2007 ۾ حتمي فيصلو ڏنو. حتمي فيصلي چئني رياستن جو حصو هن ريت مقرر ڪيو ويو، ڪيرالا 30، ڪرناٽڪا 270، تامل نادو 419 ۽ پانڊي چري 70 هزار ملين ڪيوبڪ فوٽ (حتمي فيصلو ضميمي الف ۾ ڏنل آهي).

ٽريبونل جي 2007 واري حتمي فيصلي ڪانپوءِ تامل نادو شروعات ۾ ڪي خاص اعتراض نه اُٿاريا، پر تنهن ڪانپوءِ رياست جي مخالف پارٽين جي پوَ کان اعتراض واريا. وري فيصلي تي اطمينان جو اظهار ڪرڻ ۽ انهيءَ تي خوشي ملهائڻ ڪري ٻي جهيرندڙ رياست محسوس ڪري ها ته ان سان زيادتي ٿي، جيئن رواجي ڪيڪ ڪٽڻ ۾ اهو ڏسجي ٿو ته ٻئي کي چا مليو. پڇاڙيءَ ۾ سپئي ٽرين ٽريبونل کي ڇڏي اسپيشل لِيو پٽيشنز فائل ڪري سپريم ڪورٽ ۾ پهتيون. عام طرح سپريم ڪورٽ کي ڪپندو هو ته ٽرين کي هدايت ڪري ته هو ٽريبونل وٽ رويو پٽيشن کڻي واپس وڃن. ائين ڪرڻ بدران سپريم ڪورٽ درخواست قبول ڪري ورتي، جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته تڪرار وري نئين سر کان شروع ٿيو. سپريم ڪورٽ ۾ درخواست ڏني، ٽي سال گذري ويا آهن. اها خبر نٿي پوي ته قانوني حل ڪڏهن ٿيندو ۽ ان ڪانپوءِ چا ٿيندو؟ هڪڙي ڳالهه

# مِثالي اپياس

## حصيدار رياستن وچ ۾ پاڻي جا تڪرارهندستان جي ڪاويري درياهه جو ڪيس

جيڪا هن سڄي جهيڙي ۾ نظرانداز ڪئي وئي آهي، اُها اِها آهي ته بنيادي واسطيدار ڌر يعني هارين کي اِن ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي. جيئن ته مسئلي جو حل سياسي ۽ قانوني طرح ڪيترن ڏهاڪن سالن کان پوءِ به نه ٿي سگهيو آهي، تنهن ڪري انهيءَ جي حل لاءِ نئين سوچ جي ضرورت آهي. انهيءَ لاءِ هڪ سوچ اها آهي ته سڀني واسطيدار ڌرين جي ڳالهه ٻولهه ٿئي. سڀني اهو محسوس ڪيو آهي ته جمود کي ٽوڙڻ لاءِ ٻنهي رياستن جي هارين جي سِڌي طرح ڳالهه ٻولهه ٿئي. سال 2003 ۾ مدراس انسٽي ٽيوٽ آف ڊيولپمينٽ اسٽڊيز (MIDS) اِهڙي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪئي، شروعاتي ڳالهه ٻولهه وارين گڏجاڻين ڪانپوءِ ”ڪاويري فيمِلي ڪاميٽي“ جوڙي وئي، جيڪا ڪيترا دفعا ملي چُڪي آهي ۽ ڪافي اڳتي وڌي آهي. 19 جنوري 2005 تي ان انسٽي ٽيوٽ آف ڊيولپمينٽ اِسٽڊيز جيپور جي تعاون سان ۽ UNDP جي مدد سان MIDS ۾ هڪ ڏينهن واري ورڪشاپ به ڪئي. انهيءَ ورڪشاپ ۾ ڳالهه ٻولهه جي نتيجي ۾ حاصل ٿيل اندريون ڳالهيون وڌي انگ ۾ حاضر ماڻهن ۽ ماهرن سان بحث هيٺ آنديون ويون.

پهرين ڳالهه اها هئي ته درياهه جي بيسن ۾ ڪُل پاڻيءَ جو مقدار معلوم ڪيو وڃي، اهو مقدار 671 کان 750 هزار ملين ڪيوبڪ فوٽ آهي. مرڪزي حقيقت معلوم ڪندڙ ڪاميٽي 1970 ۾ اهو مقدار 671 هزار ملين ڪيوبڪ فوٽ ٻڌايو هو. ڪيرالا ۽ پانڊي چري انهيءَ کي پنهنجو حق اٽڪل 50 هزار ملين ڪيوبڪ وفٽ ٻڌايو هو. باقي بچيل اٽڪل 600 هزار ملين ڪيوبڪ فوٽ ڪنهن طريقي سان باقي ٻن رياستن ۾ ورهائي سگهجي پيو. اها ورهاست زرعي اقتصاديات ۽ زرعي پيداوار جي جزن مطابق ٿي پئي سگهي. رامسوامي جو چوڻ آهي ته ورهايل پاڻي بيسن جي رياستن جي گهرج کان گهٽ نڪري سگهي ٿو، پر انهن کي پنهنجين گهرجن کي ”جيڪو ڪجهه آهي“ جي بنياد تي بندوبست ڪرڻو پوندو، چو جو پاڻي وڌائي نٿو سگهجي. اهو ٻڌايو ته گنگا جي پاڻيءَ جو تمام ڏکيو تڪرار 1996ع ۾ ”گنگا جي پاڻيءَ واري معاهدي“ ذريعي حل ڪيو ويو. انهيءَ کان ڏکيو تڪرار هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ هو، جيڪو 1960 ۾ ”سنڌ طاس معاهدي“ وسيلي حل ڪيو ويو. اهو معاهدو 50 سالن کان مٿي واري عرصي کان برقرار آهي. جيتوڻيڪ سياسي حالتون تمام ڏکيون ۽ غير مستحڪم رهيون آهن. تنهن ڪري رامسوامي هڪ منطقي سوال اٿاريو ته ”جڏهن هندستان ۽ بنگلاديش ۽ هندستان ۾ پاڪستان پنهنجن درياهن جي پاڻيءَ جا جهيڙا ڪاميابي سان اُڪلائي سگهن ٿا ته ڪو سبب ناهي ته هندستان جون رياستون پنهنجو تڪرار چو چڱي طرح سان اڪلائي نٿيون سگهن؟ پر هيل تائين ٿيل تجزئي مان اها اميد نٿي اُڀري، اسان ڪنهن حد تائين پاڙيسري ملڪن جا جهيڙا نبيري چڪا آهيون، پر ملڪ اندر ٿيل جهيڙا نه نبيري سگهيا آهيون (حوالو: جوائي 2008).

### واسطيدار ڌرين جي ڳالهه ٻولهه ۽ ڪاويري فيملي ڪاميٽي جي آڪاٽي:

حقيقت اها آهي ته ڪيترن اڳ ۾ ئي اڳڪٿي ڪئي هئي ته ٽريبونل جي فيصلي ڪانپوءِ تڪرار وڌندو، اهو سال 2003 ۾ چيو ويو هو. واسطيدار ڌرين وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جو سبب اهو هو ته تڪرار موجوده ادارياتي ۽ قانوني طريقي سان حل نٿو ٿي سگهي. انهيءَ لاءِ سڀني واسطيدار ڌرين کي گڏ ڪرڻ ۽ ماڻهن جو ماڻهن سان ملڻ ضروري آهي، ڪيترين مجبورين ڪري عدالتي تحرڪ به گهڻو وقت هلي نه سگهيو، جيتوڻيڪ هندستان جي مٿين عدالتي اٿارٽين تاريخي فيصلا ڪياآهن.

انهن حالتن ۾ جڏهن به ڪا ڌر جهڪڻ نٿي چاهي، اسان کي هڪ اهڙو پليٽ فارم کپي، جتي واسطيدار ڌرين ۾ هڪ جٽادار ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي. انهيءَ کي ئي واسطيدار ڌرين جي ڳالهه ٻولهه وارو طريقو چئجي ٿو. جتي به قدرتي وسيلن جو بندوبست ڪيو وڃي ٿو، اهو طريقو سڄي دنيا ۾ ٻرندڙ ڦاٽندڙ حالتن ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ کي جهيڙي نبيرڻ جو متبادل طريقو چئجي ٿو. اها متبادل سوچ دريائي بيسن ۾ سڀني واسطيدار ڌرين کي اهو سلسلو هڪ مثبت ڏس ۾ ڪنيل قدم آهي. جنهن جو مقصد ماڻهن جي پلائي، تڪرارن جو چڱي نموني ۾ نبيرڻ ۽ پاڻي جي مختلف سيڪٽرن جهڙوڪ ماحول، زراعت، صنعت، شهرن ۾ انصاف واري ورڇ ڪرڻ آهي.

جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي ته هاري سياسي پارٽين ۽ نوڪر شاهي جون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌي رهيا آهن. سياستدانن ۽ ميڊيا جي مهرباني جو ڪرناٽڪا ۽ تامل نادو جي هارين وچ ۾ هڪ وڏو مواصلاتي خلاهو سڌ سماءَ جي اچ وڃ وچ ۾ روڪيل هئي. غلط انگن اکرن ۽ غلط خبرن جي ڪري ٻنهي رياستن جي پاڻي وارپرائيندڙ هارين ۾ تمام وڌي وڇوٽي هئي.

ڪجهه حساس جايون جتي انهيءَ معلومات ۽ ڊيٽا ۾ وڇوٽا آهن هيٺ ذڪر ڪجن ٿا:

(الف) ڪرنا ٽڪا جا هاري انهيءَ ڳالهه ۾ يقين رکن ٿا ته ڪاويري درياهه جو پاڻي استعمال ڪري تامل نادو جي ٽن جا ڊر ضلعي جا ماڻهو سال ۾ ٽي پوڪون ڪن ٿا. انهن ٽن فصلن

مان انهن جو مطلب آهي ڪورو وائي، ٿلادي ۽ سمبا. پر اهي فصل نه پر مندون آهن، پهريون به ٿوري وقت واريون مندون آهن، پوئين ڊگهي وقت واري مند آهي. جيڪو پاڻي ملي ٿو (جيڪو بهترين پاڻيءَ وارن سالن ۾ به اٺن مهينن جي سپلاءِ ڪان نٿو وڌي) تامل نادو وارا هاري يا ته به ننڍي عرصي واريون فصلون پوکي سگهن ٿا. يا هڪ ڊگهي عرصي وارو فصل حقيقت ۾ ٽنهي مندن پوکڻ وارا مهينا 14 ٿين ٿا يعني (4+4+6). تنهن ڪري اهو ناممڪن آهي ته ڪاويري درياهه جي پاڻيءَ تي ٽي فصل پوکي سگهجن. اها هڪ بلڪل غلط سوچ آهي، جيڪا ٻنهي رياستن جي هارين وچ ۾ معلومات جي وڇوٽي ڪري رهي آهي.

(ب) ڪرناٽڪا جي هارين ۾ اهو تاثر آهي ته تامل نادو وارن وٽ ڊيلٽا ۾ تمام گهڻو غير استعمال ٿيل زمين هيٺان پاڻي جو ذخيرو آهي ۽ اهي گهڻو پاڻي استعمال ڪندڙ فصل يعني سارين بدران گهٽ پاڻي استعمال ڪندڙ فصل پوکڻ تي راضي ناهن. ٻي اها ته تامل نادو جي هارين کي کپي ته پنهنجي پوکي گهٽجندڙ پاڻي مطابق ڪن.

پهرين ڳالهه اها ته سينٽرل گرائونڊ واٽر بورڊ صفا مخالف ڳالهه ٿو ڪري، سال 1992 ۾ ناگا پٽي نام ضلعي (جيڪو ڊيلٽا ۾ اُپرندي پاسي آهي) ۾ زير زمين پاڻي جي ترقي 100 سيڪڙو آهي. انهيءَ ضلعي جي بلاڪن مطابق معلومات مان خبر پئي ٿي ته ان مان ڇهن بلاڪن ۾ پاڻي تمام گهڻو استعمال ڪيو وڃي ٿو. باقي ٻين ٻن بلاڪن کي ”ڪارا بلاڪ“ چيو وڃي ٿو. جتي زير زمين پاڻي جو ڪڍڻ 85 ڪان 100 سيڪڙو آهي، انهيءَ مان ظاهر آهي ته گذريل ڏهن سالن ۾ صورتحال اجان خراب ٿي هوندي. 1931 تائين جڏهن ڪرشنا راج ساگر ڊيم جو ڪم شروع ڪيو ويو هو، زراعت لاءِ ڪاويري درياهه جي پاڻيءَ جو استعمال رڳو درياهه جي وهندڙ پاڻي يا اپني ڪٽ ذريعي وراپل پاڻيءَ تي هو، ٻين لفظن ۾ پاڻي هيٺ ويندو رهيو ۽ هيٺين رياست جي ڊيلٽا کي ٻوڙيندو رهيو. انهيءَ طرح جي گهڻي وقت ڪان ٿيندڙ ٻوڏ سم ۽ ڪلر پيدا ٿي ويو. جنهن ڪري ڊيلٽا جي هن حصي ۾ سارين ڪانسواءِ ٻيو فصل نٿو ٿي سگهي. ڊيلٽا جي الهندي حصي ۾ واهه جي پاڻي سان زير زمين پاڻي گڏ ڪمند، ڪيلا ۽ تيلي ٻج پوکيا وڃن ٿا، جتي تمام گهڻي سم ڪانهي خاص طرح ٿان جور ضلعي ۾.

(ج) ڪرناٽڪا جي ماڻهن جو اعتقاد آهي ته ڊيلٽا جي تامل نادو واري حصي ۾ چڱو خاصو پاڻي زيان ڪيو وڃي ٿو. اهو بلڪل غلط آهي، جو تامل نادو جي ڊيلٽا ۾ ڪيترين اڏاوتون خاص انهيءَ مقصد لاءِ ڊيزائن ڪيون ويون آهن، جن ذريعي نڪاسي واري پاڻيءَ کي ٻيهر استعمال ڪري سگهجي. تنهن ڪري اهو محسوس ڪيو ويو ته ٻنهي رياستن جي هارين وچ ۾ ملاقات ۽ ڳالهه ٻولهه ٿيڻ کپي ته جيئن ڏيتا ۽ معلومات واري وڇوٽي کي پري سگهجي، جنهن ۾ ”استعمال ڪرڻ وارو حق“ ۽ ”حاڪماڻو حق“ اچي وڃن ٿا. ڪرناٽڪا جي هارين ۾ اهو احساس آهي ته درياهه جي پاڻيءَ تي انهن جو اڪيلي سر حق آهي. ٻنهي رياستن جي سرڪار جي اها ذميواري آهي ته انهن کي ٻڌائن ته ڪنهن به رياست جو ڪاويري درياهه جي پاڻيءَ تي اڪيلو حق ڪونهي. اڄ ڏينهن تائين سڀئي سياسي پارٽيون عوام کي اهو ٻڌائڻ ۾ ناڪام رهيون. ٻنهي رياستن جي هر ايندڙ سرڪار انهيءَ تڪرار کي سياسي بڻايو، جنهن ڪري علائقائي تعصب پيدا ٿيو. ٻنهي رياستن جي ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ جي ضرورت آهي ته ان مسئلي جو هندستان جي وفاقي حاڪماڻي نظام سان ڪهڙو تعلق آهي. پڇاڙيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه انهيءَ ڪري به ضروري آهي ته جيئن هينئر تائين ٿيل ڇڪتاڻ ۽ خوفن کي ختم ڪري سگهجي ۽ پاڻ ۾ محبت، هڪ ٻئي جو خيال رکڻ، پاڻپي ۽ برادري وارو ماحول پيدا ٿي سگهي ۽ ٻئي رياستون ڪاويري درياهه کي هڪ گڏيل ميراث سمجهن، جيڪا انهن کي ورهائڻ بدران ڳنڍي، وري اها به ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته هڪ غير سرڪاري ورتل تحرڪ هڪ جٽادار عمل لاءِ پهريون قدم آهي. اِهڙي ڳالهه ٻولهه ٻنهي رياستن جي هارين وچ ۾ هڪ وٽندڙ ماحول ۽ سوچ پيدا ڪري سگهي ٿي ته ٽريبونل جي حتمي فيصلي کي مڃن.

### ڪاويري درياهه جي گهڻ ڌري ڳالهه ٻولهه جا مقصد:

ڪاويري درياهه جي پاڻي بابت ٿيل گهڻ ڌري ڳالهه ٻولهه جيڪا سال 2003 ۾ شروع ٿي جا هيٺيان مقصد هئا:

* دريائي رياستن کي هڪ پليٽ فارم تي آڻن ته جيئن فائدي واري ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي.

* ڪاويري درياهه جي بيسن ۾ موجود صورتحال جو عملي جائزو وٺڻ.

* درياهي رياستن وچ ۾ پيدا ٿيندڙ اختلافن ۽ معلوماتي وڇوٽي کي گهٽائڻ.

* دريائي رياستن ۾ صحتمند معلومات جو جاري ڪرڻ.

* ماضيءَ ۾ پيدا ٿيل خوفن ۽ غلط فهمين کي ختم ڪرڻ ۽ گرمجوشي ۽ هڪ ٻئي جو خيال رکڻ جي فضا پيدا ڪرڻ ۽ پائيپي ۽ برادري وارو ماحول پيدا ڪرڻ.

* سڄي ڪاويري فيميلي لاءِ اڳتي وڌڻ جو اهڙو رستو ڏيکارڻ جنهن ۾ ملڪ جو فائدو ٿئي.

انهيءَ گهڻ ڌري ڳالهه ٻولهه ۾ خاص حصو وٺندڙ ٻنهي وڏي رياستن يعني ڪرنا ٽڪا ۽ تامل نادو جا هاري هئا. انهيءَ کان علاوه ڪجهه علم وارن، ريٽائر ٿيل ڪامورن، غير سرڪاري ادارن جي ماڻهن، وڪيلن، آبادگارن جي تنظيمن جي ليڊرن، ميڊيا وارن ۽ ٻين واسطيدار شهر وارن کي به حصو وٺڻ جي دعوت ڏني وئي. ڳالهه ٻولهه جي شروعات ۾ ٻنهي رياستن جي هارين جي نمائندن وچ ۾ به گڏجاڻيون ٿيون، هڪڙي چنائي ۽ ٻي بنگلور ۾ تامل نادو جي شهر چنائي ۾ ٿيل گڏجاڻي 4 ۽ 5 اپريل تي ٿي، جنهن ۾ 110 ماڻهن حصو ورتو. جڏهن ته ڪرناٽڪا جي شهر بنگلور ۾ ٿيل گڏجاڻي 4 ۽ 5 جون تي ٿي،جنهن ۾ 120 ماڻهن حصو ورتو.

## ڪم ڪرڻ جو طريقو:

ٻنهي رياستن جي هارين وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جو بندوبست ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪجهه شروعاتي ڪم ڪرڻ ضروري هو. انهيءَ ۾ مکيه قدم پاڻيءَ جو تاريخي ريسرچ ۽ دستاويز سازي هو. وقت جي گهرج اها هئي ته تڪرار کي معاشرتي، اقتصادي، تاريخي ۽ ثقافتي نڪته نگاهه کان سمجهيو وڃي، تنهن کان پوءِ سڀني کي جو دورو ڪرايو ويو ته جيئن پاڻ ۾ ملن. بحث مباحثو ڪن ۽ هارين کي ڳالهه ٻولهه جي اهميت ٻڌائن. انهيءَ ۾ ڇهه مهينا لڳا، انهيءَ ۾ ڪچهريون، شخصي يا گڏيل گڏجاڻيون ۽ دستاويز ٺاهڻ شامل هو، ٽيون قدم مٿي ٻڌايل هارين ۽ ڪجهه ٻين واسطيدار ماڻهن جون به گڏجاڻيون ڪرڻ هو.

ٻنهي رياستن جي 32 ميمبرن جي گڏجاڻيءَ کان يڪدم پوءِ ڪاويري فيميلي ڪاميٽي ٺاهي وئي، اها ڪاميٽي ٻنهي رياستن جي مختلف علائقن ۾ 17 دفعا ملي چڪي آهي ۽ ڪاويري بيسن جا مختلف ٽڪرا ڏٺا آهن، ته جيئن پاڻ ذاتي طرح معلومات حاصل ڪري سگهجي.

جيتوڻيڪ ڳالهه ٻولهه واري طريقي ڪري اڃ ڏينهن تائين ڪنهن واضح حل تي ڪو نه پهتا آهن، پر اِن ڪري چڪتاڻ گهٽائڻ ۾ گهٽي ڪاميابي ملي آهي، خاص طرح تشدد ۽ ملڪيتن کي ٿيندڙ نقصان ۾. انهيءَ ڪري پاڻ ۾ اعتماد ۽ هڪ ٻئي لاءِ احساس پيدا ٿيو آهي، وري ڪاويري فيميلي ڪاميٽي باسٽن (آمريڪا) جي اسٽاڪ هوم اينوارنمينٽ انسٽيٽيوٽ ۾ تيار ڪيل Water Evaluation and Planning Model جي ماڊل مطابق پاڻي استعمال جا مختلف منظر ترقي وٺرائي رهي آهي. اها ڪاميٽي ڪاويري درياهه تي هڪ فلم به ٺاهي رهي آهي ته جيئن معاشرتي ڊائيلاگ ذريعي ٿيل ڳالهه ٻولهه بابت هيٺين سطح تي ماڻهن کي ڄاڻ ڏئي، ان پاڻي جي ورهاست جا ڇهه فارمولا ٺاهيا آهن، جن مان چار رد ڪيا ويا آهن ۽ به وڌيڪ بحث مباحثي ۽ ڳالهه ٻولهه لاءِ منظور ڪيا آهن.

جيتوڻيڪ مختلف مفاد رکندڙ ڌرين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، پر ڊائيلاگ ڪري به شيون حاصل ٿيون آهن. پهرين اها ته ٻنهي رياستن جي هارين وچ ۾ مسئلي بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي، ٻئي اها ته ان ٻنهي رياستن جي هارين کي اهو موقعو ڏنو آهي ته هو هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿي سگهن ۽ پنهنجا مسئلا هڪ ٻئي کي ٻڌائي سگهن. ائين ڪرڻ سان هارين وچ ۾ دوستي ۽ پائپٽي وارو رستو پيدا ٿيو آهي ۽ هڪبئي خلاف نفرت ۽ تعصب ختم ٿيو آهي. وري مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سماجي ۽ معاشرتي سوچ پيدا ڪئي وئي آهي ۽ جهيڙي کي نبيرڻ جو سائنسي بنيادن وارو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ ڳالهه ٻولهه واري طريقي ڪري ٻنهي رياستن جي هارين طرفان تمام سٺي موٽ ملي آهي، پر سياسي پارٽيون سياسي مجبورين ڪري (خاص طرح ووٽ بئنڪ واري سياست ڪري) اڃا پنهنجي سخت موقف تي بيٺل آهن. پر ميڊيا انهيءَ نئين تحرڪ کي سنپالي بيٺو آهي. ڪاويري فيميلي ڪاميٽي جي ٽروچي ۾ 19 اپريل 2006ع ۾ ٿيل گڏجاڻي کان پوءِ هيٺين ريت رپورٽ ڏني.

اهو معلوم ٿيو آهي ته هارين جي ليڊرن جا ڪاويري درياهه جي ڪمانڊ ۾ هڪ ٻئي جي علائقن ۾ ٿيل دورا آبپاشي وارن طريقن جا شڪ دور ڪري ڇڏيا آهن. جن ڪري هارين ۾ ڪاوڙ هئي، انهن دورن ڪري غلط فهمين ۽ هڪ ٻئي تي بي اعتباري جي فضا صاف ٿي وئي آهي. (حوالو: دي هندو 206-4-13)

مٿي ٻڌائي آيا آهيون ته ٽريبونل طرفان ڏنل حتمي فيصلو مسئلو حل نه ڪيو آهي ۽ ٽرين سپريم ڪورٽ ڏي رجوع ڪيو آهي، قانوني رستي هڪ دور پورو ٿي چڪو آهي، پر انهيءَ ۾ خاص اميد نظر نٿي اچي. انهن حالتن ۾ هلندڙ سماجي ڊائيلاگ جي اهميت وڌي وڃي ٿي.

**سکيل سبق:**

جيتوڻيڪ ڊائيلاگ واري طريقي مان اڃان حل نه نڪتو آهي ته به انهيءَ طريقي ڪري قيمتي سبق مليا آهن ۽ انهن مان ڪجهه اهم هيٺ ڏجن ٿا.

i. ڊائيلاگ ڪي اڳتي وڌائڻ لاءِ صحيح ريسرچ بنيادي شرط آهي، ٻين لفظن ۾ معلومات ۽ ڄاڻ جهيڙيندڙ ڌرين ۾ وچوٿين ڪي گهٽ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ ڊائيلاگ ڄاڻ جي بنياد تي هجڻ کپي.

ii. ڊائيلاگ جي تحرڪ جي ڪاميابي يا ناڪامي رياست جي مسلسل مدد تي ۽ اختيار تي مدار رکي ٿي. هندستان جو حوالي سان اڃکلهه اها صفا ڪانهي.

iii. ڊائيلاگ ڪي اڳتي وڌائڻ هڪ مخلص، اڻ ٿڪجندڙ ۽ اعتبار وارو ماڻهو يا ادارو تمام ضروري آهي، جيڪو ڊائيلاگ ڪي هلائيندو هلي.

iv. ڊائيلاگ ڪڏهن به سڌا سنوان نه هوندا آهن، انهن ۾ هيٺاهون ۽ مٿاهون اينديون رهنديون ۽ انهن لاءِ تيار رهڻ کپي.

v. ڊائيلاگ جي حتمي نتيجي جي پڪ نٿي ٿي سگهي ۽ انهيءَ جو ڪاٿو ڏکيو ٿئي ٿو. پر هڪ مناسب متبادل نه هجڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي ايتري حد تائين تحرڪ وٺرائڻ جي ضرورت ٿئي ٿي، ته ڪنهن مناسب حل تائين پهچي سگهجي.

vi. هارين سان ڊائيلاگ جي نتيجي ۾ جنهن به فيصلي تي پهچڻ ڪانپوءِ انهيءَ ڪي عمل ۾ سياسي طريقي سان ئي آڻي سگهبو. ٻين لفظن ۾ انهيءَ ڪي سياسي اختيار ڪپي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي ته غير سرڪاري/غير سياسي تحرڪن ڪي سياسي پارٽين ۽ حڪومت جي مڃتا هجي. وڌيڪ اهو ته ڪنهن وفاقي نظام ۾ بين الرياستي پاڻي تڪرار يا بيسن جي منصوبابندي ۾ ڪنهن بحث مباحثي يا فيصلي ۾ گهٽ ڌري ڊائيلاگ جي خيالن ۽ ڳڻتين جي عڪاسي ٿيڻ کپي.

**نتيجا:**

ڪاويري پاڻي تڪرار کي هندستان جي سڀني بين الرياستي پاڻي تڪرارن جي ماءُ هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. انهيءَ جو مونجهارو، بي اعتباري ۽ ڳِتي ڪاوري درياهه جي جهيڙندڙ رياستن ۾ جڙادار پاڻي جي بندوبست تي منفي اثر وجهي ٿي.

(پهرين): اسان کي بيسن جي منجهيل ۽ اُلجهيل حالت کي سمجهڻو پوندو، جيڪا مسئلي جي سياسي استحصال ۽ ڪاويري جي پاڻي سان جذباتي وابستگي ڪري ٿي آهي.

(ٻيو): اسان کي اها حيثيت مڃڻي پوندي ته ڪاويري هڪ ڪٽل بيسن آهي، جو سڀني جهيڙندڙ رياستن جو پاڻي جو حق انهيءَ ۾ آيل پاڻي کان ٻيڻو آهي.

(ٽيون): ڪاوير بيسن ۾ ڏکي ڳالهه اها آهي ته مسئلو غير استعمال ٿيندڙ واڌو پاڻي جي ورهاست ناهي، پر پاڻي کوٽ جي ٻيهر ورهاست آهي، هندستان جي ٻين ڪيترن دريائي طاسن ۾ مسئلو واڌو پاڻي جي ورهاست جو آهي.

(چوٿون): ٻنهي جهيڙندڙ رياستن جي هارين ۽ سياسي ليڊرن کي اها حقيقت تسليم ڪرڻ کپي، ڳالهه ٻولهه جي نتيجي ۾ ڪجهه پاڻيءَ جو نقصان يا فائدو. انهيءَ کان وڌيڪ بهتر آهي، هميشه لاءِ ڏيتي ليتي ڪئي وڃي يا تڪرار کي زنده رکجي. رڳو غير يقيني واري صورتحال ڳتي ڪري ٻنهي رياستن جا هاري روزگار جي تمام گهٽي دٻاءُ هيٺ رهن ٿا، جڏهن ته واسطيدار رياستون ۽ انهن جا ماڻهو سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ماحولياتي قيمت تڪرار جي اِنگهڻ ڪري ڀرن ٿا.

(پنجون): اِها ڳالهه نه وسارڻ کپي ته تمام سخت ڏيتي ليتي ڪندڙ ڀچاڙي ۾ تيزي سان وڌندڙ ڪارخانن ۽ شهرن جي وڌندڙ آبادي ڪري موقعو وڃائن ٿا جو اهي هارين جو پاڻي استعمال ڪن ٿا.

(ڇهون): جنهن شيءِ جي هينئر سخت گهرج آهي، اها آهي حالتن مطابق بدلجڻ يعني تبديل ٿيندڙ گهرجن ۽ سماجي ۽ اقتصادي ۽ ماحوليات جي حالتن مطابق بدلجڻ، سچ ته اهو آهي ته بهتر زندگي لاءِ لچڪ ۽ سهڪار کپي.

(ستون): جيئن ته بيسن اڳي ئي ماحولياتي ۽ حياتياتي بيسن ڪري گهٽي دٻاءُ ۾ آهي ته ڳالهين ۾ ڏيتي ليتي ڪرائڻ وارن کي ڊگهي عرصي وارو پاڻي جي جڙادار استعمال وارو ڊگهي عرصي وارو ايجنڊا سامهون رکڻ کپي.

(اٺون): ڳالهين جي نتيجي ۾ ڪنهن فيصلي تي پهچڻ لاءِ بين الرياستي درياهن جي پاڻي جي حصيداري لاءِ ٻيڻا جي ڏي وٺ ۽ انهيءَ تي راضپو هڪ اهم گهرج آهي.

ڀچاڙي ۾ جيڪڏهن انهيءَ ۾ انهي جهڙن ٻين تڪرارن کي نبيرڻو آهي ته ٻئي رستا استعمال ڪرڻا پوندا، (يعني روائتي قانوني ۽ ادارياتي رستو ۽ ان سان گڏوگڏ سماجي ڊائيلاگ وارو طريقو (گهڻ ڌريو واسطيدار ڌرين وارو طريقو) جيڪڏهن روائتي حتمي فيصلي کي مڃتا ڏيارڻي آهي. ان جي ابتڙ سماجي طريقو پهرين اختيار ڪرڻ سان روائتي قانوني ۽ ادارياتي طريقي کي مدد ملندي ۽ حتمي فيصلي جي مڃتا سولي ٿي ويندي.

# ضميما

ضميمو الف: ڪاويري پاڻي تڪرار لاءِ ٽاهيل ٽريبونل جو  فيصلو

## ضميمو الف:

ڪاويري پاڻيءَ جي تڪرارن وارو ٽريبونل

## حتمي حڪمنامو

ٽريبونل ڇڪاڙي هيٺيون حڪمنامو جاري ڪري ٿو.

**شق-I**: هي حڪمنامو انهيءَ تاريخ تي عمل ۾ ايندو، جڏهن بين الرياستي پاڻي تڪرارن جي 1956 واري ايڪٽ مطابق (جيڪو وقت بوقت ترميم ٿيو هجي) سرڪاري گزٽ ۾ ڇپجندو.

**شق-II**: 1892 ۽ 1924 وارا ٺاهه: ميسور ۽ مدراس سرڪار وچ ۾ ٿيل 1892 ۽ 1924 وارا ٺاهه قابل عمل هوندا، جن کي ٺئي ترتيبوار 110 ۽ 80 سال ٿي ويا آهن. اهي ٺاهه ٿيڻ کان مدراس ۽ ميسور سرڪار وچ ۾ مڪمل صلاح مصلحت ٿي هئي. پر 1924 جي ٺاهه ۾ 1974 کانپوءِ ڪن شقن جي ورجائڻ جو چيو ويو هو. تنهن ڪري اسان ٺاهه جي مختلف ڳالهين کي انصاف واري ورڇ جي اصولن مطابق ورجايو ۽ بيهر ڏنو آهي.

**شق-III**: هي حڪمنامو هيٺين کان سبقت کڻي وڃي ٿو:

(I) مدراس ۽ ميسور سرڪار جي وچ ۾ ٿيل 1892 ٺاهه کي جيستائين ڪاويري درياهه جي نظام جو (واسطو آهي)

(II) مدراس ۽ ميسور ۾ ٿيل 1924 واري ٺاهه کي جيستائين ڪاويري درياهه جي نظام جو واسطو آهي.

**شق-IV**: ٽريبونل 50 سيڪڙو اعتبار جوڳي پاڻي مطابق درياهي ڪاويري هيٺين ڪوليرون ايني ڪٽ وٽ استعمال پاڻي جو تعين 740 هزار ملين ڪيوبڪ فوٽ ڪري ٿو. (20،954 ملين ڪيوبڪ ميٽر).

**شق-V**: ٽريبونل حڪم ٿو ڏئي ڪاويري دريا جو پاڻي ٽن رياستن يعني ڪيرالا، ڪرناٽڪا ۽ يو ٽي آف پانڊي چري ۾ فائدي واري استعمال لاءِ هيٺين ريت ورهايو وڃي.

| | |
|---|---|
| (1) ڪيرالا | 30 TMC |
| **(2) ڪرناٽڪا** | **270** |
| **(3) رياست تامل نابو** | **419 TMC** |
| **(4) پونڊي چري** | **7** |
| **ڪُل** | **728 TMC** |

انهيءَ کان سواءِ اسان ڪجهه پاڻي، ماحولياتي بچاءَ ۽ سمنڊ ۾ وڃڻ لاءِ هيٺين ريت رکون ٿا.

| | |
|---|---|
| ماحوليات بچاءَ لاءِ | 10 TMC |
| **سمنڊ ۾ وڃڻ لاءِ** | **4** |
| **ڪُل** | **14 TMC** |
| **ڪل** | **740 TMC=14+726** |

**شق-VI**: رياست ڪيرالا کي 30 TMC پاڻي ڏنو ويو آهي، جنهن جي ورهاست مددي طاسن ۾ هيٺين ريت آهي.

| | |
|---|---|
| (1) ڪابيني ننڍي طاس | 21 TMC |
| **(2) پاواني ننڍي طاس** | **6 TMC** |
| **(3) پمبار ننڍي طاس** | **3 TMC** |

**شق-VII**: جيڪڏهن ڪاويري درياهه جي طاس ۾ ڪنهن ڏکي سال ۾ پاڻي گهٽ هجي ته ورهايل پاڻي انهيءَ گهٽتائي مطابق ڪيرالا،ڪرناٽڪا، تامل بادِ ۾ پاندي چري جي هندستاني حصي ۾ گهٽايو ويندو.

**شق-VIII**: رياستن ۾ پاڻي ڏيڻ ۽ ماپڻ لاءِ هيٺيون جايون مقرر ڪيون ويون آهن:

(1) ڪيرالا ۽ ڪوناٽڪ وچ ۾ ڪابيني ذخيري واري جڳهه

(2) ڪيرالا ۽ تامل نادو وچ ۾

(الف) پاواني نندي طاس لاءِ : چواديوار جي ڊي.

اهو ڊڳايو ويو آهي ته چواديور جي ڊي واري جڳهه تي پهرين ڪيرالا رياست واري ماپي رهيا هئا، جنهن کي ورجايو وڃي.

(ب) پمبر نندي طاس لاءِ : امروتي ذخيري ڪرڻ واري جڳهه

(III) ڪرناٽڪا ۽ تامل نادوا وچ ۾: بلي گنڊولو جي ڊي واري جڳهه يا سرحد تي ڪا به جڳهه

(IV) تامل ۽ پانڊي چري وچ ۾: بست جڳهون جيڪي اڳي ئي ڪم ڪن ٿيون.

**شق-IX:** جيئن ته ڪاويري جي پاڻي ۾ مکيه حصيدار ڪرناٽڪا ۽ تامل نادو رياستون آهن، اسان حڪم ٿا ڏيون ته رواجي سال ۾ ڪرناٽڪا رياست مهيني وار رياست جي سرحدن تي ملندڙ جڳهه تي جيڪي بلنگ گوڊيو وٽ ماپ ۾ مقدار وڻڻ واري جاءِ آهي، هيٺين ريت پاڻي ڏئي.

اهو مٿيون مقدار ۾ 182 TMC تامل جو مقرر هو ۽ 10 TMC ماحولياتي مقصدن لاءِ آهي.

مٿيون مهيني وارو پاڻي کي ريگيوليٽري اٿارٽي ڏهاڪن مطابق ورهائي.

انهيءَ کان علاوه 12 ٻيون شقون آهن.

| مهينو | TMC | مهينو | TMC |
|---|---|---|---|
| **جون** | 10 | ڊسمبر | **8** |
| **جولاءِ** | 34 | جنوري | **3** |
| **آگسٽ** | 52 | فيبروري | **25** |
| **سيپٽمبر** | 40 | مارچ | **25** |
| **آڪٽوبر** | 22 | اپريل | **25** |
| **نومبر** | 15 | مئي | **27** |
| | | | **92 TMC** |

پلڈاٹ
پاکستان انسٹیٹیوٹ آف لیجسلیٹو ڈویلپمنٹ اینڈ ٹرانسپیرنسی

ہیڈ آفس: نمبر 7، 9th ایونیو، F-8/1 اسلام آباد، پاکستان

رجسٹرڈ آفس: 172-M، ڈیفنس ہاؤسنگ اتھارٹی، لاہور، پاکستان

ٹیلیفون: (+92-51) 111-123-345 فیکس: (+92-51) 226-3078

E-mail: info@pildt.org; Web: www.pildat.org